هفتيوار رسالو

TRANSLATION DEPARTMENT (DAWAT-E-ISLAMI)

اميرِ اهلِ سنت جو 1989ع (تقريباً 38 سال پهريان) جو بيان

# بي ادبيءَ
## جي سزا

اولياء جو گستاخ جريو ٿي ويو.

مال جي سبب مرڻ وقت 2 آفتون

اولياء ۽ عالمن کان امتحان طور سوال ڪرڻ ڪيئن؟

فرمانِ غوثِ پاڪ رحمة الله عليه


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: بي ادبيءَ جي سزا

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1448هہ ستمبر 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# بي ادبيءَ جي سزا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست


دُرود شريف جي فضيلت ........................ 1
بي ادبيءَ جي سزا ........................ 1
اولياءِ ڪرام سان دشمني رکڻ ........................ 6
نوٽ ڪي چمڙ ڪيئن آهي؟ ........................ 8
پنهنجي اولاد لاءِ ڪجھ جمع ڪري ڇڏيو! ........................ 12
قتل جي ارادي سان اچڻ وارو مسلمان ٿي ويو ........................ 14
هاٿي توکي ڪير بچائيندو؟ ........................ 15

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# بي ادبيءَ جي سزا

**دعاءِ عطار:** اي ربّ ڪريم! جيڪو به هي رسالو "**بي ادبيءَ جي سزا**" پڙهي يا ٻڌي، اُن کي ۽ ان جي اچڻ وارن نسلن کي اولياءِ ڪرام جي بي ادبي ۽ بي ادبن جي شر کان محفوظ فرماءِ، ڪيس ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ فقر (يعني تنگدستي) کي دور ڪري ٿو. (القول البديع ،ص273)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بي ادبيءَ جي سزا

حضرت ابوسعيد عبدالله محمد تميمي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 580 هجري ۾ دمشق جي جامع مسجد ۾ پنهنجو واقعو بيان فرمايو: منهنجو هڪ ڪلاس فيلو هو جنهن جو نالو "ابنِ سَقا" هو، اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي هئي ۽ اسان گڏجي سبق ياد ڪندا هئاسين. اسان بغداد شريف ۾ هڪ بزرگ جي مشهوري ٻڌي جيڪي پنهنجي وقت جا "غوث"

مڃيا ويندا هئا، سندن مشهور ڪرامت اها هئي تہ هُو جڏهن چاهيندا هئا ظاهر ٿي ويندا هئا ۽ اوچتو ويني ويني نظرن کان اوجهل (يعني غائب) بہ ٿي ويندا هئا. اسان گڏجي ساڻن ملاقات جو ارادو ڪيو، ان وقت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡہِ بہ اسان جا ڪلاس فيلو هئا، انهن چيو: مان بہ توهان سان گڏ هلان ٿو. ابنِ سَقا چيو: هي تمام وڏا غوث مڃيا وڃن ٿا پر مان سندن کان اهڙو ڏکيو سوال پڇندس جو اهي جواب ئي نہ ڏئي سگهندا. مون (يعني ابوسعيد عبدالله محمد) چيو: مان بہ تمام ڏکيو سوال پڇندس، ڏسان ٿو تہ ڪهڙو جواب ڏين ٿا پر شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡہِ اسان ٻنهي کان مختلف ڳالهہ ڪئي، پاڻ فرمايائون: مان ڪو سوال نہ ڪندس چو تہ بزرگن جي سامهون زبان ناهي کولبي، بلڪ صرف سندن زيارت ڪندس. اسان ٽئي پنهنجي پنهنجي نيت ڪٽي سندن دولت خاني (يعني گهر) حاضر ٿي وياسين، هو پنهنجي مسند (SEAT) تي موجود نہ هئا، اسان اتي ويهي رهياسين. اوچتو اسان ڏٺو تہ هو پنهنجي مسند تي اچي ويٺا ۽ غصي واري نگاهہ سان ابنِ سَقا کي گهوري فرمايائون: تون اهڙو سوال پڇڻ چاهين ٿو جنهن جو جواب اسان کي نه اچي سگهندو؟ ٻڌ! تنهنجو سوال هي آهي ۽ ان جو جواب هي اٿئي. جيئن تہ هو روشن ضمير هئا، ابنِ سقا سوال پڇي ان کان پهرين ئي هنن سندس سوال بہ ٻڌائي ڇڏيو ۽ جواب بہ ارشاد فرمائي ڇڏيو، ۽ فرمايائون: اي ابنِ سقا! مان تنهنجي اندر ڪفر جي باهہ ٻرندي ڏسي رهيو آهيان. پوءِ هنن مون تي بہ جلال واري نگاهہ وڌي ۽ فرمايائون: تون هي ڏسڻ چاهين پيو تہ مان تنهنجي سوال جو ڪهڙو جواب ڏيان ٿو، تہ ٻڌ! تنهنجو سوال هي آهي ۽ ان جو جواب هي، (پر تنهنجي گستاخي ابنِ

سقا جهڙي ناهي، ڇو تہ ابنِ سقا تہ بدگماني ڪئي هئي تہ جواب ڏئي ئي نه سگهندو، پر بي ادبي تو بہ ڪئي ۽ تنهنجي ان بي ادبيءَ جي ڪري) مان توکي ڪنن جي پاپڙين تائين دنيا ۾ ٻڏل ڏسي رهيو آهيان تہ تون دنيا ۾ غرق آهين. اسان ٻنهي کي ڪاوڙ واري نگاهن سان ڏسڻ ۽ جواب ڏيڻ کان پوءِ هو پنهنجي مسند تان اٿي بيٺا ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي سيني سان لڳائي ورتائون ۽ وڏي پيار ۽ شفقت سان فرمايائون: ”پٽ! مان ڏسي رهيو آهيان تہ تون بغدادِ معليٰ ۾ اولياءِ ڪرام جي ميڙ ۾ هي اعلان ڪري رهيو آهين:

”قَدَمِیۡ هٰذِہٖ عَلٰی رَقَبَۃِ کُلِّ وَلِیِّ اللّٰه“

يعني منهنجو هي قدم هر وليُ الله جي ڪنڌ تي آهي.

حضرت ابوسعيد عبدالله محمد تميمي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ان بزرگ جيڪو ڪجهہ ارشاد فرمايو هو، اهو ائين ئي ٿيو. حضور غوث الصمداني، قطبِ رباني، محبوبِ حقاني، پيرِ لاثاني، قنديلِ نوراني، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو شان واقعي تمام مٿانهون ٿيو ۽ اهو وقت بہ ڏنو ويو جو پاڻ منبر تي ويهي هي اعلان ڪيو تہ منهنجو هي قدم تمام ولين جي ڪنڌ تي آهي ۽ سيني ولين پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا ۽ سندن قدم اڳتي وڌي ڪري پنهنجي ڪنڌ تي رکيو.

جيئن تہ مولانا حسن رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

سروں پر جسے لیتے ہیں تاج والے — تمہارا قدم ہے وہ یا غوثِ اعظم

(ذوقِ نعت،ص183)

ابنِ سقا تمام گهڻو علمِ دين حاصل ڪيو ۽ تمام وڏو علامه، شيخ الحديث، شيخ القرآن، مفتي ۽ ايڏو زبردست مناظرِ اسلام بڻجي ويو جو ڪو عيسائي يا يهودي سندس مقابلو نہ ڪري سگهندو هو. هو اسلام بابت ايڏا دليل ڏيندو هو جو سامهون وارو هار مڃي وٺندو هو ۽ گوڏا کوڙي ڇڏيندو هو. اهڙي طرح هو سڀني کي مات ڏئي ڇڏيندو هو، ايستائين جو سندس چرچو ٻين ملڪن تائين پهچي ويو. هو وقت جي خليفي جو تمام ويجهو (مقرب) بڻجي ويو، پوءِ خليفي کيس ملڪِ روم ڏانهن موڪليو. جڏهن هو ملڪِ روم پهتو ۽ اتي بادشاه جو مهمان ٿيو تہ هن اتان جي عيسائي پادرين سان بہ مناظرو ڪيو ۽ سڀني کي هارائي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن ابنِ سقا جي نظر روم جي بادشاه جي ڌيءَ تي پئجي وئي، هو ان کي دل ڏئي وينو ۽ مٿس عاشق ٿي ويو، پوءِ رات ڏينهن هو ان ڇوڪريءَ جي عشق ۾ ڳرڻ لڳو. نيٺ هن بادشاه سان پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي ۽ شهزاديءَ جو هٿ گهريو تہ بادشاه چيو: ايئن ڪيئن تو تي سگهي جو تون مسلمان هجين ۽ اهو بہ مسلمانن جو تمام وڏو علامه، جڏهن تہ اسان عيسائي آهيون، اسان توکي پنهنجي نياڻي نٿا ڏئي سگهون، تنهنڪري ان خيال کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ. هن چيو: مان ان ڇوڪريءَ کان سواءِ زنده نٿو رهي سگهان، چاهي مون کي ڪهڙي بہ قرباني ڏيڻي پوي. بادشاه چيو: جيڪڏهن تون عيسائي مذهب قبول ڪندين تہ مان پنهنجي نياڻي تنهنجي نڪاح ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنڪري هو عشق جي هٿان مجبور ٿي ويو، منقول آهي تہ: شهوت بادشاهن کي غلام بڻائي ڇڏيندي آهي. (مكاشفة القلوب ،ص255 )

ابنِ سقا بہ شھوت جي اڳيان اونڌو ٿي ويو، ان ڇوڪريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي پنھنجو دين ۽ ايمان داءُ تي لڳائي ڇڏيو ۽ عيسائي مذھب قبول ڪري ان سان نڪاح ڪري ورتو. ڪجھ وقت ھن عيش ۽ عشرت جي زندگي گذاري، نيٺ ان جي جسم ۾ ھڪ بيماري پيدا ٿي وئي، جنھن سان ان جو جسم سڙڻ لڳو. تمام گھڻو علاج ڪرايائين پر نيڪ نہ ٿيو، ايستائين جو ھو بلڪل بيوس (Nervous) ٿي بستري تي اچي ويو ۽ ڪنھن ڪم جو نہ رھيو. نتيجي ۾ سمورا درٻاري ان کان بيزار (متنفر) ٿي ويا، ان جي زخمن مان بدبوءِ اچڻ لڳي، آخرڪار بادشاھ ان کي ڪٽائي ويراني ۾ اڇلائي ڇڏيو. ھڪ ڏينھن ھڪ مسلمان جو اتان گذر ٿيو جيڪو ان کي سڃاڻيندو ھو، ان چيو: اي ابنِ سقا! ڏس! تنھنجي ڪھڙي حالت ٿي وئي آھي؟ تنھنڪري ھاڻي تون توبہ ڪري مسلمان ٿي وڃ! ھن روئيندي چيو: ھاڻي مون کان ڪلمو نٿو پڙھيو وڃي، ان غوث جي بددعا جي سبب مان برباد ٿي ويس. ڪاش! مان ان اللہ جي وليءَ جي بي ادبي ۽ گستاخي نہ ڪريان ھا ۽ منھنجو ايمان ضايع نہ ٿئي ھا. ان ئي حالت ۾ ھو ڪُرڙيون ھڻي ڪتي کان بدتر موت مري ويو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ جيڪو اللہ پاڪ جي ولين جي بي ادبي ۽ گستاخي ڪندو آھي، نيٺ تباھي ان جو مقدر بڻجي ويندي آھي. شروع ۾ يا ڪجھ سالن تائين خبر ناھي پوندي تہ ھو سمجھندو آھي تہ مان جيڪو ڪري رھيو آھيان ۽ جنھن نظريي تي قائم آھيان اھو سڀ صحيح آھي، جڏھن تہ ائين ناھي. مان (يعني اميرِ اھلِ سنت) ٻيا بہ اھڙا ڪيس ڏٺا آھن، ھن دنيا ۾ اھڙا ڪيترائي نوجوان جيڪي

تمام ذھين ھئا، پر آخرڪار اھي (بي ادبيءَ جي ڪري) جوانيءَ ۾ ئي سخت چريا ٿي ويا.

جيئن تہ ھڪ نوجوان چريو ٿي ويو، سندس نندو ڀاءُ مون وٽ تعويذ وغيره لاءِ آيو تہ ھن ٻڌايو تہ منھنجي وڏي ڀاءُ منھنجي سامھون اولياءِ ڪرام جي ڪجھہ گستاخي ڪئي ھئي، تڏھن کان خبر ناھي تہ ان کي ڇا ٿيو ۽ ھي ايئن ٿي ويو. اھڙي شخص جو مان ڪھڙو علاج ڪري سگھيس ٿي، بھرحال ان نوجوان ان ئي بيماريءَ ۾ دم ٽوڙي ڇڏيو.

ياد رکو! اولياءِ ڪرام جي توھين جي ڪري دنيا ۾ بہ رسوائي آھي ۽ آخرت ۾ بہ ذلت ۽ خواري آھي. اللہ پاڪ اسان کي ولين جي محبت تي زندھہ رکي ۽ اللہ پاڪ اسان کي ان کان پھرين ايمان تي موت ڏئي جو اسان ولين جي توھين ڪريون، اللہ نہ ڪري، اللہ نہ ڪري.

## اولياءِ ڪرام سان دشمني رکڻ

حديثِ قدسي (ان حديث کي چيو ويندو آھي جو زبانِ حق ترجمان رحمتِ عالميان صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي ھجي پر ڪلام رب العالمين جو ھجي) ۾ آھي: جيڪو منھنجي وليءَ سان دشمني ڪندو آھي (۽ ھڪ روايت ۾ آھي تہ توھين ڪندو آھي) مان ان جي خلاف اعلانِ جنگ ڪريان ٿو. (بخاری،248/4،حدیث:6502۔معجم اوسط،184/1،حدیث:609)

خبر پئي تہ جيڪو اولياءِ ڪرام جي توھين جو مرتڪب ٿئي ٿو، اللہ پاڪ پاڻ ان لاءِ اعلانِ جنگ فرمائي ٿو، ۽ يقينن اللہ پاڪ جڏھن ڪنھن لاءِ اعلانِ جنگ فرمائي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ان کي نہ دنيا ۾ بچائي سگھي ٿي ۽ نہ ئي قبر ۽ حشر ۾. ڏسو! ابنِ سقا اللہ پاڪ

جي وليءَ جي گستاخي ڪري ڪفر جي موت جو شڪار ٿيو، ان جو علم، عمل، ڪردار، ڳالهائڻ جو انداز، بهترين مقرر، مفسر، زبردست مناظر، تمام وڏو عالم ۽ پرهيزگار هجڻ ان کي بچائي نہ سگهيو ۽ هو ذلت سان مارجي ويو.

(واقعي جا ٿيان فرد) حضرت ابوسعيد عبدالله محمد تميمي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي اهڙو سوال نہ ڪرڻو هو جو هو جواب ئي نہ ڏئي سگهن، بلڪ مون کي صرف هي ڏسڻو هو تہ اهي ڪهڙو جواب ڏين ٿا؟

هي بہ هڪ طرح سان عالم جي بي ادبي آهي. ياد رکو! جيڪڏهن ڪو عالم اسان جي مسئلي جو جواب نہ ڏئي سگهي تہ اهو هرگز نہ چيو ويندو تہ اسان سندس امتحان ورتو ۽ هو فيل ٿي ويو، تنهنڪري هو عالم ناهي. جيئن ڪو حافظِ قرآن تراويح ۾ جيڪڏهن بہ چار آيتون وساري ويهي ۽ ڪيس لقمو ڏجي، تہ ان تي ڪو هي ناهي چوندو تہ هي حافظ ناهي بلڪ ان جو مطلب هي هوندو آهي تہ وقتي طور تي ڪيس ياد ناهي رهيو. خبر پئي تہ علماءِ ڪرام کان امتحان طور مسئلو نہ پڇڻ گهرجي بلڪ سندن ادب ڪرڻ گهرجي. ها! جيڪڏهن ضرورت خاطر پڇيو تہ اها الڳ ڳالھ آهي يا ڪو وڏو عالم ڪنهن عالم کان امتحان وٺي جيئن پرچو (Exam) ورتو ويندو آهي، ان مان اهو مراد ناهي، پر بلا ضرورت جيڪو چيڪ ڪري ٿو، ائين نہ ڪرڻ گهرجي.

بهرحال مون بہ هڪ طرح سان امتحان وٺڻ چاهيو هو، هنن منهنجي لاءِ هي بددعا ڪئي هئي تہ مان دنيا تنهنجي ڪنن جي پاپڙين تائين ڏسي رهيو آهيان، تنهنڪري مون کي سلطان نور الدين زنگي شهيد

رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ محڪمہ اوقاف جو وزير بڻائي ڇڏيو. خبر پئي تہ وزير بڻجڻ ۽ مال و دولت اچڻ ڪا سعادت ناهي بلڪ تمام وڏي مصيبت آهي. حضرت ابوسعيد رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ چون ٿا تہ: نتيجي ۾ هر طرف ڪان دنيا مون تي ٽٽي پئي، تمام گهڻو مال ۽ دولت منهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو ۽ مان تمام وڏو مالدار بڻجي ويس. ائين ان بزرگ غوث رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو قول پورو ٿيو، دنيا منهنجي ڪنن تائين اچي وئي.

(بہجۃ الاسرار،ص19 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مان توهان کي جيڪو چوندو آهيان اهو قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ئي چوندو آهيان، قرآنِ پاڪ بلڪل واضح طور تي اسان کي سمجهائي رهيو آهي، جيئن تہ سورهءِ تڪاثر ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اَلْهٰىكُمُ التَّكَاثُرُۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَؕ﴿۲﴾ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَۙ﴿۳﴾

كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْیَقِیْنِؕ﴿۵﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَؕ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: وڌيڪ مال جمع ڪرڻ جي طلب توهان کي غافل ڪري ڇڏيو ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو. هائو هائو هاڻي جلد ئي ڄاڻي ويندؤ پوءِ يقيناً جيڪڏهن توهان يقيني علم سان ڄاڻو ها ( تہ مال سان محبت نہ رکو ها) (سيپارو: 30، التڪاثر: 1 کان 5)

## نوٽ کي چمڻ ڪيئن آهي؟

واقعي! اڄ جيڪڏهن ڪنهن کي نوٽ ڏيو تہ هو چمي اکين سان لڳائيندو ۽ خوش ٿيندو آهي، مان ڪيس حيرت سان ڏسندو آهيان تہ

لاشعوري طور تي شيطان جي طريقي تي عمل ڪري رهيو آهي. دولت جي محبت ۾ مست رهڻ وارؤ ڪن ڪولي ٻڌو! منقول آهي تہ: جڏهن درهم ۽ دينار ٺهيا تہ سڀ کان پهريان شيطان انهن کي کڻي پنهنجي پيشانيءَ تي رکيو، پوءِ انهن کي چميائين ۽ چيائين: جنهن بہ هن سان محبت ڪئي، اهو منهنجو غلام آهي. (احياء العلوم،288/3)

بدقسمتيءَ سان هاڻي هن دنيا ۾ ابليس جي غلامن جي ڪمي ناهي، اڄ هرڪو مال سان محبت ڪري ٿو. مان بہ پنهنجي دل ۾ مال جي محبت محسوس ڪريان ٿو، الله ڪري نڪري وڃي. اڄ لکن ۾ ڪو هڪ اڌ ئي هوندو، غارن ۾ هوندا يا مزارن ۾ هليا ويا هوندا جيڪي مال سان محبت نٿا ڪن، نه ته بازارن ۾ مال کان بي نياز نظر نٿا اچن. ها! جن کي الله پاڪ بچائي، مثلاً اولياءِ ڪرام وغيره تہ الله پاڪ کين مال کان پري ئي رکيو جيئن تہ

منقول آهي: قيامت جي ڏينهن دنيا ذليل ٿي عرض ڪندي تہ اي الله! مون کي پنهنجي سڀ کان گهٽ نيڪ وليءَ کي انعام ۾ ڏئي ڇڏ، تہ الله پاڪ فرمائيندو: ذليل! پري ٿي، جڏهن مون دنيا ۾ کين توکان بيزار ۽ پري رکيو تہ آخرت ۾ ڪيئن توکي سندن ٻچيءَ ۾ وجهان.! (قوت القلوب،407/1)

افسوس! اڄ هر ڪنهن کي هيءَ دنيا مني لڳي ٿي ۽ هو ان ئي دنيا جي ڊوڙ ۾ سموري زندگي گذاري ڇڏي ٿو، ان جا ئي فن سکي ٿو، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا، چائنا، جرمني، جاپان ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي ٿو، پوءِ هڪ ڏينهن اخبار ۾ اچي ٿو تہ جاپان

مان فلاڻي جو لاش اچي رهيو آهي، فلاڻي جو آمريڪا ۾ انتقال ٿي ويو آهي، ان جو لاش اچي رهيو آهي. دين ۽ قرآن تمام گهڻ ماڻهو سڪن ٿا. تنهنڪري جنهن حرام ڪمايو، پنهنجي آخرت برباد ڪئي، جنهن سان الله پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناراض ٿي ويا ۽ جنهن جو ايمان تباهه ٿي ويو، ان جي باري ۾ قرآن چئي رهيو آهي:

كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ ﴿۵﴾ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ﴿۶﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ ﴿۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪڏهن توهان يقيني علم سان ڄاڻو ها (ته مال سان محبت نه رکو ها) بيشڪ توهان ضرور جهنم کي ڏسندؤ پوءِ بيشڪ توهان ضرور ان کي يقين جي اک سان ڏسندؤ.

(سيپارو: 30، التڪاثر: 5 کان 7)

اي مال جي محبت رکندڙ! اي رشوت جي ڏيتي ليتي ڪرڻ وارؤ! وياجي ڪاروبار ڪرڻ وارؤ! وياجي ادارن ۾ وياج ڪمائڻ وارؤ! وياج جي ڪم ڪار ۾ مددگار بڻجڻ وارؤ! کير ۾ پاڻي ملائڻ وارؤ! ڪوڙ ڳالهائي سودو وڪڻڻ وارؤ! انهن آيتن ۾ پنهنجو انجام ڏسي وٺو! ۽ ياد رکو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو. (سيپارو: 30، التڪاثر: 5 کان 8)

تنهنڪري جنهن کي وڏيڪ مال ملي ٿو ويو تہ اهو ٻہ ڦاسي ويو تہ بعد ۾ کيس حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. مال ۽ دولت خطرناڪ آهن، هي جيترا وڏيڪ هوندا اوترو ئي دنيا ۽ آخرت ۾ پريشان ڪندا ۽ ان بابت پڇيو ويندو تہ ان کي صحيح طريقي تي استعمال ڇو نہ ڪيو ويو. جيئن تہ

حضرت سيدنا يحييٰ بن معاذ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡہ جو قول آهي: مالدار انسان کي مرڻ وقت ٻہ آفتون پيش اينديون آهن جيڪي ٻين (يعني غريبن) کي پيش ناهن اينديون: پهرين اها تہ ان کان ان جو سمورو مال کسيو ويندو آهي ۽ ٻي اها تہ کيس تمام مال جو حساب ڏيڻو پوندو آهي.
(مکاشفۃ القلوب،ص144)

ياد رکو! مال کسجي وڃڻ بہ تمام وڏي آفت آهي، جڏهن مال کسجندو آهي تہ وڏو صدمو ٿيندو آهي جيئن ڪجھ وقت پهريان اخبار ۾ آيو تہ هڪ شخص جي لاٽري نڪتي تہ هو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ انعامي رقم کڻي روانو ٿيو، رستي ۾ هڪ کيسو ڪترينڌڙ جي نظر مٿس پئي ۽ اُن سندس کيسو ڪٽي ورتو، جڏهن کيس خبر پئي تہ منهنجي دولت ضايع ٿي وئي آهي تہ کيس وڏو افسوس ٿيو، هن هلندڙ ٽرين اڳيان ٽپ ڏئي آپگهات ڪري ورتو ۽ حرام موت مري ويو. ڏٺو توهان؟ مال کسبو آهي تہ وڏو صدمو ٿيندو آهي.

هي بہ ياد رهي تہ مال کسجي وڃڻ تي ئي بس نہ ٿيندي بلڪ آخرت ۾ حساب بہ ڏيڻو پوندو، پڇيو ويندو تہ مال ڪٿان حاصل ڪيو ۽ ڪٿي خرچ ڪيو؟ جيڪڏهن مال حلال هو تہ ان کي حلال طريقي تي ڇو خرچ نہ ڪيو؟ يا ڪٿان ڪٿان حاصل ڪيو؟ يا ڪٿي ڪٿي خرچ

ڪيو؟ هي پڇيو ويندو ۽ جيڪڏهن حرام هو تہ ڪمايو ئي ڇو؟ هاڻي سزا ڪاٽيو.! ان ڪري مال سڀ ئي آفت آهي.

ياد رکو! دنيا ۾ جنهن وٽ جيتريون نعمتون وڌيڪ هونديون آهن قيامت جي ڏينهن ان لاءِ اوترا ئي پريشانين جا سبب ٿيندا آهن.

## پنهنجي اولاد لاءِ ڪجهہ جمع ڪري ڇڏيو!

حضرت محمد بن ڪعب اَلْقُرظي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ کي ڪٿان تمام گھڻو مال ۽ متاع هٿ لڳو تہ ماڻهن ڪيس چيو تہ پنهنجي اولاد لاءِ سنڀالي رکو! پاڻ فرمايائون: مان ان کي پنهنجي لاءِ اللّٰہ پاڪ وٽ جمع ڪندس ۽ پنهنجي رب کي پنهنجي اولاد لاءِ ڇڏي ويندس. (مكاشفة القلوب،ص143)

ڏسو! جيئن اڄڪلهہ عورتون تمام گھڻو سون جمع ڪري رکنديون آهن تہ ڌيءَ جي شاديءَ ۾ يا پريشانين ۾ ڪم ايندو، پوءِ بہ غريب بڻجي ڏيکارينديون آهن، زڪوات ناهن ڏينديون ۽ هي بهانو بڻائينديون آهن تہ اسان ڪمائينديون ٿوڙي آهيون. ياد رکو! جيڪڏهن ڪا عورت صاحبِ نصاب بڻجي وئي تہ شرطن جي موجودگيءَ ۾ ڪيس زڪوات ڏيڻي پوندي، ان ۾ ڪمائڻ شرط ناهي. جيئن جيڪڏهن ڪو تحفي ۾ تمام گھڻو مال ڏئي ڇڏي ۽ ان تي سال گذرڻ سان گڏ ٻيا شرط بہ لڳا وڃن تہ ان تي بہ زڪوات ڏيڻي پوندي، ايستائين جو جيڪي ماڻهو نياز جي رقم جو حصو ڪڍي الڳ رکندا آهن ۽ ڪنهن جي ملڪيت ناهي ڪيو هوندو تہ اهو سندن ملڪيت ۾ آهي، اهو بہ زڪوات ۾ شامل هوندو. افسوس! اڪثر ماڻهو مون وٽ اچي لڙڪ

لاڙي روئڻ شروع ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ڏيئرون جوان ٿي ويون آهن، جيڪڏهن زڪوات ڪيندا سين تہ هي ٿي ويندو، هو ٿي ويندو.

ان مان خبر پئي تہ اهي سڀ فڪر اسان جي پنهنجن هٿن جا آهن. يقين ڪريو! جيڪڏهن ماڻهو دعوتِ اسلامي جو حقيقي اسلامي پيغام قبول ڪري وٺن تہ سڀ مسئلا حل ٿي وڃن. مال ۽ دولت سان محبت ڇڏي ڏين، پياري آقا صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي سنتن کي پڪڙي وٺن، اسلام جي سنهري اصولن کي اپنائين، نيڪ نمازي بڻجي وڃن ۽ آخرت جو فڪر ڪرڻ لڳن تہ سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ اسان جو معاشرو ايڏو درست ٿي ويندو جو دنيا جي ڪابہ طاقت ان ڏانهن اک کڻي نہ سگهندي. پوءِ الله پاڪ جي غيبي مدد بہ اسان سان ايئن شامل هوندي جيئن ميدانِ بدر ۾ آئي، جو هڪ طرف ٿي سئو تيرهن هٿيا جڏهن تہ سندن سامهون هٿيارن سان ليس هڪ هزار جو لشڪر هو. قرآنِ پاڪ مان ثابت آهي تہ اتي ملائڪن جون فوجون لٿيون، ڪتابن ۾ صحابہءِ ڪرام جا بيان آهن، اهي فرمائن ٿا تہ ميدانِ بدر ۾ اسان مارڻ لاءِ تلوار کڻندا هئاسين، ان کان پهرين جو اها ان جي ڪنڌ تائين پهچي ڪنڌ پاڻ ئي ڪٽجي ڪِري پوندو هو، جنهن مان خبر پوندي هئي تہ اها ملائڪن جي تلوار آهي. (شرح الزرقانی علی المواہب،292/2ملخصاً)

بدقسمتيءَ سان اڄ هر گهر ۾ فلمون ۽ ڊراما ڏٺا وڃن ٿا، اسان جي حقيقي اسلام ۾ قرآن ۽ حديث ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي ڪتابن ۾ فلمن، ڊرامن، گانن، عرياني، عياشي ۽ فحاشي جي ڪا گنجائش ناهي. حقيقي مدني اسلام جيڪو مدني آقا صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کڻي آيا ۽ جيڪو فلمن، ڊرامن، هر طرح جي برائي ۽ گندگي کان

پاڪ آهي ان کي اپنائڻ گهرجي. الله ڪري تہ اسان کي سترو ۾ پاڪيزه اسلام نصيب ٿئي. خدا جو قسم! اڄ جيڪڏهن اسان کي حقيقي اسلام ميسر اچي ويو تہ اسان کي بيهر اها قوتِ ايماني حاصل ٿي سگهي ٿي جيڪا دشمن کي زير ڪري سگهي ٿي. تاريخ گواهہ آهي تہ اسان جي اسلاف پنهنجي قوتِ ايماني سان وڏن وڏن دشمنن کي شڪست ڏني آهي جيئن ته

## قتل جي ارادي سان اچڻ وارو مسلمان ٿي ويو

حضرت خواجہ غريب نواز معينُ الحق والدين حَسن سنجري اجميري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ هڪ شخص ڇُري ڪٽي آيو، ان جي اها خواهش هئي تہ هو ڪنهن طرح سندن ڪم پورو ڪري ڇڏي. پاڻ مٿس مومنانہ نگاهہ وڌي (حديث شريف ۾ آهي: مومن جي فراست کان ڊڄو ڇو تہ هو الله جي نور سان ڏسندو آهي.) (معجم اوسط،271/2،حديث:3254 ) ۽ ان جو ارادو ڄاڻي ورتو، پوءِ پاڻ فرمايائون: مان حاضر آهيان، جلدي ڇُري ڪڍ ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪر. هي ٻڌي هو ڏڪڻ لڳو تہ ڪين ڪيئن خبر پئي ۽ مٿس ايڏو رعب پيو جو هو سندن قدمن ۾ ڪَري پيو. اها ڇري بہ سندن قدمن ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ چوڻ لڳو: مان واقعي قتل جي ارادي سان حاضر ٿيو هئس، هاڻي منهنجي سزا اها ئي آهي تہ توهان هن ڇري سان مون کي ذبح ڪري ڇڏيو. تہ پاڻ فرمايائون: اسان جو اسلام اسان کي اها تعليم نٿو ڏئي، اسان سِرَ جو جواب پٿر سان نہ بلڪ گل سان ڏيندا آهيون. هو ايڏو متاثر ٿيو جو مسلمان ٿي سندن مريد بڻجي ويو. (مرأة الاسرار(مترجم)،ص598ماخوذاً)

## هاڻي توکي ڪير بچائيندو؟

اهڙي طرح پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو وڻ جي هيٺان آرام فرمائي رهيا هئا تہ هڪ شخص غلط ارادي سان تلوار ڪڍي اچي ويو، سندن اک کلي وئي. هو چوڻ لڳو: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هاڻي توکي مون کان ڪير بچائيندو؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه! هن تي پيرا پچيو، پاڻ ٽئي پيرا اللّٰه پاڪ جو نالو ورتو، جيئن ئي اسمِ ذات جي ضرب پئي تہ ان ڪافر تي لرزو طاري ٿي ويو ۽ ان جي هٿ مان تلوار ڪِري پئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تلوار سنڀالي ورتي ۽ فرمايائون: هاڻي توکي ڪير بچائيندو؟ هو هڪدم گهٻرائجي ويو، پوءِ پاڻ ان کي معاف ڪري ڇڏيائون، سندن هي اخلاق ڏسي اهو مسلمان ٿي ويو. (بخاری ، 3 / 59 ، حدیث : 4135ملخصاً)

ڏسو! اڄ بہ جيڪڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڀروسو ڪنداسين ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي وينداسين تہ اڄ بہ اسان جو ايمان مڪمل ٿي ويندو. جيڪي آفتن جا ڪڪر لامارا ڏئي رهيا آهن اهي سڀ ختم ٿي ويندا، اونداهيءَ جا ڪڪر مٽجي ويندا، مديني پاڪ جا انوار ۽ تجليون اسان جي دلين تي نازل ٿينديون ۽ اسان جون دليون ان مان فائدو حاصل ڪنديون، ان شاءَ الله! دنيا جون قومون ان سان جڳمڳائي اٿنديون، سڀ ذاڙيل توبہ ڪري وينندا، دنيا ۾ هر طرف سڪون، اطمينان ۽ راحتن جو دور هوندو، مديني جو سڪينو لهندو ۽ ان شاءَ الله

رحمتون ئي رحمتون نازل ٿينديون. گهڻ ۾ گهڻ هي عهد ڪري وٺو ته هاڻي ڪڏهن به نماز نه ڇڏيندا سين ۽ ڏاڙهي به نه ڪوڙائيندا سين.

ياد رکو! زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ناهي، جيئن هڪ اخبار ۾ آيو ته:

جلالپور جٽان (پنجاب، پاڪستان) جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ٻن ڀائرن جي هڪ ڏينهن جي وقفي سان شادي هئي، وڏي ڀاءُ جي شادي ٿي وئي، ٻئي ڏينهن ننڍي ڀاءُ جي شادي هئي. تنهنڪري ٻئي ڏينهن وڏو ڀاءُ ۽ ٻيا مٽ مائٽ ننڍي ڀاءُ جي ڄڃ وٺي شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ بس ۾ روانا ٿيا. بس پنهنجي رفتار سان وڃي رهي هئي ته اوچتو گوجرانوالا جي ويجهو ڪامونڪي روڊ تي عقل ۾ نه ايندڙ هڪ عجيب حادثو ٿيو ته بس جو دروازو کليو ۽ اهو وڏو ڀاءُ جنهن جي ڪالهه ئي شادي ٿي هئي، ويچارو هلندڙ بس مان ترڪي روڊ تي وڃي ڪِريو ۽ بس جو ٽائر مٿان چڙهي ويس، هو سخت زخمي ٿي پيو. ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ ان کي سخت زخمي حالت ۾ ڪٽي اسپتال پهچايو. ڄڃ اڳتي وڌي ڪامونڪي پهچي وئي ۽ نڪاح جون تياريون شروع ٿي ويون. هيڏانهن هو ويچارو اسپتال جي فرش تي پيو هو هوڏانهن ان جي ننڍي ڀاءُ جي نڪاح جون تياريون ٿي چڪيون هيون، ايتري ۾ اسپتال مان خبر آئي ته ”گهوٽ جي وڏي ڀاءُ اسپتال ۾ انتقال ٿي چڪو آهي.“ سموري شاديءَ جي محفل ۾ ماتم مچي ويو ۽ شادي رڪجي وئي. جڏهن ان وڏي ڀاءُ جي نئين نويلي ڪنوار هيءَ خبر ٻڌي ته ان جا هوش حواس خطا ٿي ويا، ان جو دماغي توازن بگڙجي ويو ۽ هوءَ چَري ٿي وئي. ڏسندي ئي ڏسندي خوشين سان سينگاريل ماحول غمن ۾ بدلجي ويو.

غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪيترا ئي ڪفن ڏوپچي تيار رکيا هوندا آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن، ڪافي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جون قبرون کوٽجي تيار ٿي چڪيون هونديون آهن پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن.

(غنية الطالبين،348/1)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ توهان جنهن پراجيڪٽ جو بنياد رکي رهيا آهيو ۽ جنهن جو تمام بهترين ماڊل به ٺاهيو ويو آهي، ڪهڙي خبر ته اهو ڏسڻ ئي نصيب نه ٿئي، ان ڪان پهرين ئي قبر کوٽجي تيار ٿي چڪي هجي. ڪيترا ئي نوجوان ويچارا شاديءَ جي خواهش ۾ دم ٽوڙي ڇڏيندا آهن، اهڙي طرح روزانو اخبار ۾ ايندو آهي ته شاديءَ ۾ ناڪاميءَ سبب ڪيترا ئي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آپگهات ڪري وجهندا آهن. تنهنڪري نيڪي ۾ دير نه ڪريو، جيڪو ڪرڻو آهي اڄ ڪريو، اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه ڇڏيو، سڀاڻي ٻيو ڪم هوندو، ته اڄ جيڪو ڪرڻو آهي ڪري ونو ۽ هينئر ئي ڪري ونو. چيو ويندو آهي ته نيڪي ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي، جيئن ئي نيڪي جي نيت ڪريو ته فوراً ڪري ونو، مثلاً نماز جو وقت ٿي وڃي ته فوراً پڙهي ونو ڇو ته نماز کان وڌيڪ ڪو اهم ڪم ناهي. نماز ۾ هرگز سستي نه ڪريو ڇو ته هي الله پاڪ جو حڪم آهي. بس هي ذهن ٺاهيو ته پنجن وقتن جي نماز پڙهڻي آهي ۽ هي عهد به ڪريو ته هاڻي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سستي نه ڪنداسين، فجر جي وقت ستل نه رهنداسين ۽ ڪا نماز نه ڇڏينداسين. اهڙي طرح ڇهري تي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت ڏاڙهي شريف سجائينداسين ڇو ته

دامنِ مصطفےٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا　　جس کے حُضور ہو گئے اس کا زمانہ ہو گیا

ياد رکو! ڏاڙهي ڪوڙائڻ بہ حرام آهي ۽ ڪترائي هڪ مٺ کان ننڍي ڪرڻ بہ حرام آهي. (فتاویٰ رضويہ، 22/571تا572ملخصاً) تنهنڪري جيتريون بہ آنڌيون ۽ طوفان اچن ڏاڙهيءَ سجائي رکڻي آهي، ان شاء الله سڀ غم ختم ٿي ويندا، گهريلو پريشانيون دور ٿي وينديون. جيڪڏهن گهر وارا منع ڪن تہ توهان بحث نہ ڪريو ڇوتہ جيڪڏهن توهان بحث ڪندؤ ۽ دليل ڏيندؤ تہ ٿي سگهي ٿو تہ وڌيڪ گڙٻڙ ٿي وڃي، تنهنڪري خاموش ٿي وڃو، ڪنهن سان بحث نہ ڪريو ۽ ڪا لڙائي نہ ڪريو بلڪ منهنجا بيانات انهن کي ٻڌرايو، ان سان ان شاء الله سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. ڪيترائي اهڙا خاندان جيڪي پهريان ڏاڙهي ۽ عمامي شريف وغيره کان الرجي رکندا هئا هاڻي الحمد لله! اهي بيان ٻڌي صحيح ٿي چڪا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن توهان نٿا سمجهائي سگهو تہ ڪا ڳالهہ ناهي، بس محبت سان ڪين بيان ٻڌڻ تي راضي ڪريو، بيان ٻڌندا تہ ان شاء الله نيڪ ٿي ويندا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92    0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net